YHE303

# ٨. گُفتگو

ٻُڌو. پڙهو ۽ اَداڪاري ڪريو.



(اَڄُ آرتوار آهي. رامچند ٻارن کي راڻي باغ گهمائڻ وٺي آيو آهي. جدا جدا جانور ڏسي پاويش ۽ پاويڪا هڪ نئون مزو وٺي رهيا آهن. اوچتو پاويش پٽاٽي جي چپس ڪائي خالي پاڪيٽ هوا ۾ اُڇلائي ٿو. (رامچند رڙ ڪري ٿو.)

| | | |
|---|---|---|
| رامچند | : | پاويش! اِهو ڇا پيو ڪرين؟ |
| پاويش | : | پاپا! ڇا ٿيو؟ |
| رامچند | : | منهنجا سونا پٽ! اِئين خالي پاڪيٽ اُڇلائبو نہ آهي. ڏِسُ سامهون ٿوري نظر ڦيراءِ. جُدا جُدا جڳهين تي ڪچرو ڦِٽو ڪرڻ لاءِ ڊَٻا رکيل آهن. اسان جو فرض آهي تہ هميشه اَسين ڪچرو ڪچري جي ڊبي ۾ ڦٽو ڪريون. |
| پاويش | : | ها پاپا. مونکان غلطي ٿي ويئي. اَڳتي مان ڪچرو ڪچري جي ڊبي ۾ ئي وجهندس. پر پاپا، مان ڏسان ٿو تہ ماڻهو ڪجهہ بہ ڪائي، ڪچرو ڪٿي بہ ڦٽو ٿا ڪن. ڏسو هِتي جوتا پيل، ٻَچيل ڪاڌي جا ٽڪر ۽ سامهون پِٽ تي پانَ جي ٿُڪن جا نشان اِن ڪچري کي ڏسي سَچُ پچُ منُ خراب ٿي پوي ٿو. |
| رامچند | : | ها پُٽ، اِن ڪچري سبب من تہ خراب ٿئي ئي ٿو پر ساڳئي وقت اِهو ڪچرو ڪيترين ئي بيمارين جو ڪارڻ پڻُ بڻجي ٿو. |
| پاويڪا | : | پاپا، هَرهڪ ماڻهو جيڪڏهن پنهنجو فرض سمجهِي ڪچرو فقط ڪچري جي ڊبي ۾ ڦٽو ڪري تہ ماحول وڻندڙ بڻجي پوي. اَسان جي ٽيچر ٻڌايو آهي تہ سڄي ڀارت ۾ 'ڪچرا هٽائو' هلچل شروع آهي. جنهن موجب **'سوڇَ ڀارت، سِوسٿ ڀارت'** جو نعرو سڀني جي زبان تي آهي. |
| رامچند | : | ها پاويڪا، توُن سچُ ٿي چئين. اَسان جي آفيس ۾ بہ اِن ڳالهہ ڏاڍو زور ورتو آهي. جهڙي ريت اَسين گهر ۾ صَفائي رکندا آهيون. اَسان پاڙي، شهر ۽ ديش جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ بہ ڪچرو هٽائي صفائيءَ وارو ماحول آڻيون. ڀارت جو هرهڪ حصو اَسانجو آهي ۽ اَسين ڀارت جا آهيون. |
| پاويش | : | ها پاپا، مان هرهنڌ اِهو سنديش پُهچائيندس. |
| پاويڪا | : | ها پاپا، مان بہ اِها هرهنڌهلچل هلائيندس. |

## اَڀياس

سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :

١) رامچند ٻارن کي گهمائڻ لاءِ ڪٿي وٺي ويو؟
٢) اَسانکي ڪچرو ڪٿي ڦٽي ڪرڻ گهرجي ؟
٣) ڪن ڪچري سبب ڪهڙا نقصان ٿين ٿا؟
٤) سيني جي زبان تي ڪهڙو نعرو هو؟
٥) ديش ۾ صفائيءَ وارو ماحول ڪيئن آڻي سگهبو؟

سوال ٢ : هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهنکي چيا آهن؟

١) ’پاويش! اِهو ڇا پيو ڪرين ؟‘
٢) ’ها پاپا مونکان غلطي ٿي ويئي.‘
٣) ’اَسانجي آفيس ۾ به اِن ڳالهه ڏانهن زور ورتو آهي.‘
٤) ’ها پاپا، مان به هرهنڌ اِها هلچل هلائيندس.‘

سوال ٣ : هيٺيان خال ڀريو :-

١) منهنجا سونا پٽ! اِئين ........ پاڪيٽ اُڇلائبو نه آهي.
٢) جُدا جُدا جڳهين تي ڪچرو ڦٽو ڪرڻ لاءِ ........ رکيل آهن.
٣) اِن ڪچري کي ڏسي سچ پچ من ..... ٿي پوي ٿو.
٤) مان هرهنڌ اِهو ...... پهچائيندس.

سوال٤ : (الف) : هيٺين جا ضد لکو :-

اَڱڻي .................. خالي .................. خراب .................. وٺندڙ .................. صفائي ..................


(ب) هيٺين جون صفتون ٺاهيو :-

مزو.................. غلطي .................. زبان .................. سچ .................. صفائي ..................

**هدايت :** ماستر، شاگردن کي صفائيءَ جي اَهميت سمجهائيندو.
**مشغولي :** توهان پنهنجي اِسڪول ۽ پاڙي کي ڪيئن صاف رکندا، اُن بابت هڪ رٿا تيار ڪريو ۽ اُنکي عمل ۾ آڻيو.


## پورڪ اَڀياس

١. گندگي ٿيڻ سان مڇرن جو آزار ٿئي ٿو. اَئنافليز مڇر جي مادي مليريا جو بخار ڦهلائي ٿي. مڇرن سبب ڊينگو جو بخار پڻ ٿئي ٿو. مڇرن کان بچڻ لاءِ توهين ڪهڙا اُپاءَ وٺندا. ڪي پنج اُپاءَ لکو.



٢. پاڄيءَ واري ۽ چوڪريءَ جي وچ ۾ گُفتگو لکو.

۱. ڏنل خانن ۾ برابر اَکر لکو :-



۱) هِڪُ اَنگُ (هِڪُ اَکرَ)
۲) هِڪُ جيتُ (ٻہ اَکرَ)
۳) هِڪُ گُل (ٽي اَکرَ)
۴) هِڪُ پکي (چار اَکرَ)
۵) سال جو هِڪُ مهنو (پنج اَکرَ)
۶) هِڪُ واهڻُ (ڇهہ اَکرَ)
۷) نرتيہ جو هِڪُ قسمُ (سَت اَکرَ)

۲. هيٺ هم آوازي لفظ ڏنل آهن. شاگرد اَهڙا ٻيا اَهم آوازي لفظ ڳولهي لکي ايندا.

| | | |
|---|---|---|
| تارا | ڪارا | پيارا |
| هارُ | ٻارُ | بارُ |
| نرم | گرم | ڪرم |
| ٻرَ | سرَ | پرَ |
| رُڪي | ڏُکي | سُکي |
| مينا | ٽينا | رينا |
| ڀڳتي | مستي | شڪتي |

## سندر سکيائون



۳. پڙهو لکو ۽ عمل ۾ آڻيو.

۱) سڀني سان عزت ڀريو وهنوارڪجي.
۲) سُٺن ماڻهن سان دوستي ڪجي ۽ سُٺا ڪتاب پڙهجن.
۳) ڪوڙ نہ ڳالهائجي.
۴) سويل سُمجهي، سويل اُٿجي.
۵) غلطي ٿيڻ تي اُنکي سويڪار ڪجي.
۶) ڀرين وڏن کي ويهڻ جي جڳهہ ڏجي.
۷) هرڪا شيءِ مقرر جڳهہ تي رکجي.
۸) بنا پُڇڻ جي ڪنهن بہ شيءِ کي هٿ نہ لڳائجي.
۹) هميشہ پنهنجو ڪمُ پاڻ ڪجي.
۱۰) پاڻ کان ننڍن کي پيار ڪجي.
۱۱) وَقت جي اَهميت سمجهجي
۱۲) وَڻ، ٻوٽا اَسان لاءِ نعمت آهن. اُنهن جي سارَ سنڀالَ ڪجي.
۱۳) قدم، قسم ۽ قلم سنڀالي کڻجي.
۱۴) پکي ۽ پسُن کي سَتائڻ نہ گهرجي.
۱۵) پنهنجي زبان تي ضابطو رکجي.